ڊاڪٽر عنايت حسين لغاري
سنڌي شعبو، وفاقي اردو يونيورسٽي، ڪراچي

# تاريخي ڪتابن جي روشني ۾ مارئي جو تعارف: هڪ مختصر جائزو

# AN INTRODUCTORY STUDY OF MARVI WITH THE REFERENCE OF HISTORICAL BOOKS


## Abstract

Marvi is a precious historical character which is still understudy and incomplete in historical books. Marvi belongs to a backward area of Thar region. She is still considered great patriotic symbol of poets such as Hazrat Shah Abdul Latif Bhittai, Hazrat Sachal Sarmast, Khalifa Nabi Bux Laghari and some other poets described her patriotic features and comparisons in their poetry. In present modern poetry, the symbolic character and contribution of Marvi for her region is still alive in the Sindhi modern poetry. Almost all poets of Sindh appreciated her role and sacrifice for her region. It is revealed from several studies that her historical background is not authentic and not reliable in different historical books. There is highly significant difference is found in her story in historical books. Each historian describe her life story and biography their own references and folk tales. Therefore it can be say that the biography of Marvi is still incomplete and controversial because it is not properly described in historical books. It is need of Sindhi literature; it should be completed and properly described with authentic and reliable reference after historical analysis and research. In present study, the brief introduction of Marvi and different views of historian are also mentioned with the references of historical books are given in this paper.


حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي سٽن سورمين مان جيترو مارئي تي لکيو ويو آهي، شايد ئي ٻي ڪنهن سورمي متعلق ايترو بحث ٿيو هجي، مارئي سڄي سنڌ جي حوالي سان عام طور تي، ليڪن ٿر جي حوالي سان خاص طور تي تمام گهڻي اهميت رکي ٿي. مارئي جي پنهنجي ماڳن ۽ مارن سان محبت هڪ مثال آهي. مارئي جي حسب ۽ نسب متعلق ڪيتريون ئي متضاد روايتون مختلف تاريخدانن ۾

محققن پنهنجي تصنيفن ۾ بيان ڪيون آهن.

مير علي شير قانع ٺٽوي جي تصنيف تحفة الڪرام مطابق "مارئي نالي هڪ پاڪدامن ۽ خوبصورت عورت مارن جي قوم مان، "ٺلها" (ڳوٺ) ۾ رهندڙ هئي." (1)

هڪ انگريز محقق سر رچرڊ مارئي بابت لکي ٿو ته : "هڪ روايت موجب مارئي جي ماءُ، مهراڏا ڪي سنڌس مڙس، ڦلا لاکي جي گهران پڄائي ويو هو." (2)

پيرومل مهر چند آڏواڻي جي راءِ مطابق ""مارئي" لفظ جي معنيٰ آهي مارو لوڪن يا سانگي ماڻهن جي نياڻي، مارن ۾ سڀ مسلمان نه آهن. ڪي گهڻ ذات وارا هندو آهن، ته ڪي سوڍا راجپوت آهن، جن جو نسل راجا وڪرما جيت سان وڃي ٿو لڳي. مارئي هندو راجپوتڻ هئي. سنڌس مڱيتو کيت سين هو، جنهن جي نالي منجهان ئي پڌرو آهي، ته هو راجپوت نسل مان هو." (3)

تاريخ ريگستان جو مصنف "رائچند هريجن" رچرڊ برٽن جي ڪتاب "سنڌ ۽ سنڌو ماٿري ۾ وسندڙ قومون"، مسٽر روچيرام گنگارام جي ڪتاب "عمر_مارئي"، پروفيسر رام پنجواڻي جي ڪتاب "پڪي ۾ پدمڻي"، ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي جي ڪتاب "روح رهاڻ" ۽ "ڪڇ جو گجراتي اتهاس" جا حوالا ڏيندي، ڊاڪٽر گربخشاڻي جي ڪتاب "روح رهاڻ" سان متفق ٿيندي لکي ٿو ته:

"ڊاڪٽر گربخشاڻي پنهنجي ڪتاب "روح رهاڻ" ۾ جيڪو لکيو آهي، سو گهڻي کوجنا بعد لکيو اٿس، شايد ائين هجي جي مارئي، مارو قوم مان، پالڻي جي ڌيءُ ۽ ميراڏي يا مهراڏي جي پيٽان ڄائي هجي جا پالڻي جي زال هئي." (4)

منگهارام اوجها پنهنجي ڪتاب "پراڻو پارڪر" ۾ مارئي بابت تفصيل بيان ڪندي لکي ٿو ته : "ڪڏهن ڪنهن قربائتي ڪچهري ۾ ويٺي ڳالهه چرندي آهي ته رباڙي چوندا آهن ته مارئي رباڙڻ هئي، اسان جو ويس وڳو به ساڳيو آهي، جو مارئي جو هو. اُهي به ائين رباڙيون اجا تائين مٿي تي اوني چني ۽ ان جو گهاگهرو پهريندڙيون آهن. شادي مهل به ساڳيو ويس، البت ڪجهه پرت پريل هوندو آهي. شادي مهل ڪاري چني ۽ ڪاري گهاگهري جي ڪارڻ اهو ڏسيندا آهن ته عمر جڏهن مارئي کي کڻي ويو، تڏهن ماروئڙن مهڻي کان ڪارو ويس ڪيو هو." (5)

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، لوڪ ادب جي سلسلي جي ڪتاب "عمر-مارئي" ۾ لکي ٿو ته "مارئي جي نک نسب بابت مختلف روايتون هلندڙ آهن، مگر سڀ ۾ زياده عام مقبول اها ئي آهي ته مارئي ۽ عمر جو پاڻ ۾ پيءُ پاءُ وارو رشتو هو. سگهڙن جي روايتن کان سواءِ اعليٰ شاعري جي دائري ۾ خليفي نبي بخش صاحب عمر جي پيءُ پاءُ واري رشتي کي مڃيو آهي.

ڪلي آيس مٿي ڪوهه      تتي ٿهڪيا ڏنم ٿوهه
عمر ايندو ڏنو مون      پانيان پيڙي ٿيان پون

| | |
|---|---|
| ايـي هـيـس مـتـي انـهـن | اڇي عـمـر جـهـلـي ٻـانـهـن |
| مـون کـي هـاڻـو! هـٿ م لاءِ | توکي ڇڏيـو مـنـهـنـجـي ماءُ |
| آهـيـان آءُ تـنـهـنـجـي پـيـڻ | صبح ڪيئن ڪٽنديس نـيـڻ |

(نظم ”ڪينهون“ خليفو صاحب)

مارئي ۽ عمر جي پيڻ پاءُ هجڻ وارو ناٽڪو ئي سنڌ ۾ هلندڙ مشهور روايتن جو مرڪزي پهلو آهي: فرق صرف ايترو آهي جو مختلف روايتن ۾ مارئي ۽ عمر کي ٽيج شريڪ پيڻ پاءُ، ڪري ڄاڻايو ويو آهي، جيئن خليفي صاحب جي مٿئين نظم ۾ آهي.

سنڌ جي انهن مشهور ۽ عام مقبول روايتن کان سواءِ، ٻين ڪي جزوي روايتن ۾ مارئي جي نک نسب بابت ڪي ٻيا اهڃاڻ پڻ ڏنل آهن. مثلاً هڪ روايت موجب مارئي، لاکي ڦلاڻي جي ڌيءَ هئي ۽ سندس ماءُ جو نالو ”مهران“ هو، هو پاڻي ڀرڻ لاءِ کوهه تي آئي، جنهن ڪري کيس قسمت عمرڪوٽ ۾ آندو:

لاکـــي ڌيءَ، ڦـــل پـــوتـــي، ايـــرادي آنـــديـــاس
جڏهن پاڻي کان پياس، تڏهـن قضـا آنـدي ڪـوٽ ۾.

ٻي روايت موجب، ”مارئي جو وڏو ڏاڏو ”مهڙ“ هو، ڏاڏو ”ڦل“ هو ۽ لاکو پيءُ هو، پر پوءِ ”ٻانڊڻيي“ (رڻ ۾ روجهن کي ٻڌندڙ يا جوٽيندڙ ۽ واڳ جهليندڙ) پالي وڏي ڪئي ۽ اهو ڄڻ سندس پيءُ بڻيو.

مـهـڙ ڇـوٽـي، ڦـل پـوٽـي، ايـرادي آنـديـاس
تـهـان پـوءِ ٿـيـو، ”پـانـڊڻـيـو“ پـيـاس“ (6)

پريتم پياسي پنهنجي مقالي ”مارئي جي حسب ۽ نسب“ ۾ مارئي کي مينگهواڙ ثابت ڪرڻ لاءِ سني محنت ڪئي آهي، هن مينگهواڙ ۾ ماڙيچن کي هڪ قوم ڪري ڄاڻايو آهي. ڪيترن حوالن ڏيڻ ۽ گهڻي بحث مباحثي کان پوءِ محترمه مهر پروين جي راءِ ڏيندي ۽ ان جي ڏنل حوالي مان سو سيڪڙو مطمئن آهي.

”مارئي ذات جي ماڙيچي هئي. سندس وطن ملير يعني ”موهر“ هو، جنهن کي هن وقت مهراڻو سڏيو وڃي ٿو. هن کي جڏهن عمرڪوٽ جو حاڪم عمر سومرو کڻي ويو ته هن ان کي ٺڪرائي ڇڏيو. آخر حاڪم مجبور ٿي ان کي آزاد ڪري ڇڏيو.“ (7)

ڏانو ڏانڌل مان سگهڙ حسين بخش خاصخيلي جي مليل روايت مطابق ”ملير معنيٰ مال جو ڳوٺ ڪڇ رڻ کان مواڙا هتي مال ڪاهي ايندا هئا. ڇاڪاڻ ته هتي وڏڪار تمام گهڻي هوندي هئي. گهڻو ڪري رباڙي قوم جا ماڻهو هن علائقي ۾ گهڻا ايندا هئا، ڇاڪاڻ ته انهن جو تعلق مال سان هوندو هو. محمد بن قاسم جي اچڻ کان پوءِ هن علائقي ۾ مسلمانن جو زور ٿيو. رٻارين وٽ ٻڪريون گهڻيون هونديون هيون. ٻڪرين کي پهون به چوندا آهن. رباري پوءِ مسلمان ٿيا، انهن کي پنهوار چيو ويو. مارئي جي ماءُ جو نالو ماڏوئي هو ۽ پيءُ جو نالو پالڻو پنهوار هو. هڪ سال برسات نه پئي ان

ڪري پنهوار لڏي عمرڪوٽ ويجهو ويهري ڳوٺ ۾ وڃي ويٺا، ان وقت عمرڪوٽ جو حاڪم حمير سومرو هو. ماڏوئي هڪ سگهڙ دائي هئي، ان ڪري ان کي گهرايو ويو ۽ ان وقت مارئي بہ ننڍي هئي ۽ ماءُ جو کير پيئندي هئي. ماڏوئي کي عمر کي کير پيارڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو ۽ اهڙي طرح عمر_مارئي ٿڃ شريڪ ڀاءُ ڀيڻ هئا.

مارئي جڏهن ساماڻي تہ ڪيترن ئي اميرن پالڻي ڪان سڱ جي گهر ڪئي. مارئي تمام گهڻي خوبصورت هئي، ان ڪري ان جي حسن هر ڪنهن کي گهڻو متاثر ڪيو. پالڻي مارئي جي سڱ ڪيت سان ڪيو. ان وقت ڦوڳ نالي هڪ ڇوڪرو پالڻي وٽ ٻڪريون چاريندو هو، ان جي خواهش هئي تہ اهو سڱ مون کي ملندو ۽ شادي آءُ ڪندس، انهي سڱ ٽيڻ سان ڦوڳ کي ڪاوڙ لڳي ۽ هو عمرڪوٽ ويو. ان وقت عمرڪوٽ تي عمر سومرو تخت تي ويٺل هو، عمر اڻ ڏٺي مارئي تي موهت ٿي پيو. عمر هڪ پلو اُٺ تيار ڪرايو، جيڪو صرف چندن ويڙهہ ڪائيندو هو. عمر اُٺ تي اچي ملير پهتو، ڏٺائين تہ ان وقت مارئي سهيلين سان گڏ پاڻي پئي ڀري. هو پاڻي پيئڻ جي بهاني کوهہ تي مارئي جي ويجهو پهتو ۽ پوءِ کيس کنيي اُٺ تي چاڙهيائين ۽ اچي عمرڪوٽ نڪتو. مارئي کي تہ ان ڳالهہ جي خبر هئي تہ هو عمر جي ڀيڻ آهي، ان ڪري عمرڪوٽ ۾ اچي عمر کي حقيقت ٻڌايائين، پر عمر نہ مڃيو. آخر عمر جڏهن داين ٻاين کان پڇا ڪئي تہ تصديق ٿي تہ واقع مارئي عمر جي ڀيڻ آهي ۽ اهڙي طرح ڇهن مهينن کان پوءِ عمر ماروئڙن ڏي نياپو موڪليو تہ پنهنجي امانت وٺي وڃو. مارئي کي اُٺ تي واپس وٺي ٿي آيا تہ جڏهن گوڙي جي ڏهر وٽ پهتا تہ اتي ٻني ۾ ڪيت پئي ڪم ڪيو. ڪيت کي چيائون تہ مارئي کي اچ لڳي آهي، ان ڪري چانهو وڍي آ. ڪيت چانهين مان ڳر ڪڍي اچي مارئي کي ڏنو، مقصد ان جو اهو هو تہ عمر وٽ وڃڻ کان پوءِ مون لاءِ ائين آهين، مارئي کي اهو ڏسي ڏاڍو ڏک ٿيو تہ مون لوئي جي هيڏي لڄ رکي ۽ پنهنجي ست ۽ سيل جي حفاظت ڪيم، پر ڪيت تہ منهنجو قدر نہ ڪيو. اوڏي مهل مارئي ڌرتي کي عرض ڪيو تہ آئون جيڪڏهن ستي آهيان تہ مون کي جاءِ ڏي. پوءِ ڌرتي ان کي جاءِ ڏني ۽ مارئي ڌرتي جي اندر هلي ويئي ۽ وري ڌرتي هڪجهڙي ٿي ويئي، ان ڪري ڪٿي بہ مارئي جي قبر نہ آهي." (8)

مارئي جي ماڳ پالوا مان سگهڙ محمد علي خاصخيلي جي روايت بہ هن سان ڪجهہ ملندڙ آهي. "عمر جو پيءُ حمير سومرو ڪڇ پچ ڏي شڪار سانگي ويو. مانگهہ جو مهينو هو. گهڻي برسات ۽ ٿڌ سبب گهوڙي سان سُڪ ٿي ويو. اتي جڏهن ان کي ماڻهن اهڙي حالت ۾ ڏٺو تہ هن کي گهوڙي تان لاهي ڪڇ جي راءِ وٽ وٺي ويا ۽ ڏٺائون تہ همراهہ بيهوش آهي ۽ ان کي بادشاهي تاج پاتل آهي. ڪڇ جي راءِ هڪ حڪيم کي گهرايو، جنهن علاج ٻڌايو تہ هن کي ڪا عورت سيني سان لائي رکي، جيئن هن جي جسم جي گرمائش هن کي پهچي. راجپوت قوم جي هڪ عورت کي

هن ڪم لاءِ منتخب ڪيو. صبح جو سوير حمير سومري کي هوش آيو ۽ پوءِ ان عورت کان سربستي حقيقت ورتائين. صبح جو جڏهن حمير سومرو وڃڻ لڳو. تڏهن هن مائي کيس ٻڌايو تہ مون کي حمل رهجي ويو آهي. اتي حمير سومري ماڏوئي کي چيو تہ جيڪڏهن ڌيءُ پيدا ٿئي تہ ان کي ڪڇ جي راءِ جي حوالي ڪجء، ان کي آئون چيو ٿو وچان تہ ان جو سڱ ڪنهن مسلمان سان ڪج، پر جيڪڏهن پٽ ڄمي تہ ان کي مون وٽ ڪٺي اڇجان ۽ ائين حمير سومرو اتان موٽي وڃي پنهنجي ملڪ ويو. انهي وقت ۾ جام لاکي جي ڄيڄ ويٺي هئي، ان ڄڄ ۾ هڪ رٽ هو، اهو رٽ بہ روجهہ هلائي رهيا هئا. اهو رٽ پالوا جي پالڻي پنهوار جو هو. ڪڇ جي راجا چيو تہ اهي روجهہ اسان کي ڏي، هو ان کي انڪار بہ نہ ٿي ڪري سگهيو، پوءِ اٽڪل ڪري رٽ اتان تيزي سان پچائي نڪري آيو. هوڏانهن وري ماڏوئي کي خبر پئي تہ اهو رٽ حمير جي ملڪ ۾ ٿو وڃي، سو ان ۾ لڪي چڙهي وئي جيڪا خبر پالڻي کي اڌ رستي تي پئي ۽ پوءِ ماڏوئي کي وٺي پالوا آيو ۽ پالوا ۾ مارئي پيدا ٿي.

مارئي جڏهن ساماڻي تہ ڦوڳ خواهش ظاهر ڪئي تہ آءُ هن سان شادي ڪريان. پالڻي هن کي جواب ڏنو ۽ پنهنجي برادري جي هڪ ماڻهو کيت سان ان جو مڱڻو ڪيو. جنهن تي ڦوڳ کي مڻيان لڳي ۽ هو عمرڪوٽ ويو ۽ اتي وڃي عمر جي اڳيان مارئي جي حسن جي تعريف ڪيائين، اهڙي طرح عمر کي پري کان مارئي ڏيکاريائين ۽ عمر ان ڪٺي وڃي عمرڪوٽ پهتو. مارئي، عمر کي چيو تہ آئون تنهنجي ڀيڻ آهيان، چاڪاڻ تہ ماءُ کان اڳي اهڙي قسم جون ڳالهيون ٻڌل هئس. پهرين تہ عمر انڪار ڪيو، پر پوءِ جڏهن گهڻي پڇا ڳاڇا ڪرڻ تي پڪ ٿيس تہ مارئي واقعي سندس ڀيڻ آهي، تڏهن مارئي کي واپس ڪيائين. مارئي جڏهن کيت سان گڏ واپس پئي آئي، تڏهن چاچري تعلقي جي ڳوٺ ماڻار وٽ پهتا تہ مارئي کيت کي چيو تہ پاڻي پيار. کيت هڪ چانهين جي ڳر ڪڍي خالي کوکو ڪٺي آڻي مارئي کي اچي ڏنو. مارئي چيو تہ هن ۾ ڳر ڪونهي، ان تي کيت جواب ڏنو تہ تون ايترا ڏينهن عمر وٽ رهين آهين، سو تو ۾ ڪي ڪونهي. اتي مارئي ڏٽي تعاليٰ کي عرض ڪيو تہ جي آئون ستي ۽ پاڪ آهيان تہ ڌرتي مون کي جاءِ ڏي ۽ پوءِ زمين مارئي کي جاءِ ڏني آهي ۽ مارئي اندر ڀيهي وئي آهي.” (9)

مارئي ڪهڙي علائقي جي رهاڪو هئي، ان سلسلي ۾ بہ ڪافي اختلاف آهن، 1985ع مهراڻو پبليڪيشن طرفان معمور يوسفاڻي جو هڪ مقالو ”ڏيهي ڏور ٿيا“ ڪتابي صورت ۾ ڇپيو، جنهن ۾ معمور، مارئي جو ماڳ عمرڪوٽ ويجهو ڪاروڙو بيان ڪيو آهي ۽ ان سلسلي ۾ پاڻ ثابتي طور حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ شاهہ عنايت جا بيت پيش ڪيا آهن. ان مقالي جي جواب ۾ 7 آڪٽوبر کان 15 آڪٽوبر 1987ع جي وينجهار هفتيوار رسالي ۾ الله داد جنجهي، معمور يوسفاڻي جي

راءِ کي رد ڪندي اهو موقف پيش ڪيو تہ مارئي ڪاروڙي جي نہ پر پالوا جي هئي. انهي جي جواب ۾ وري يوسفاڻي 1989ع جي مهراڻ رسالي ۾ پنهنجي مقالي ”مارئي پالوا جي نہ پر ڪاروڙي جي هئي“ ۾ شاهہ لطيف ۽ شاهہ عنايت جي بيتن ۾ ٻين دليلن ذريعي اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اهي تہ مارئي ڪاروڙي جي هئي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ڪتاب ”عمر-مارئي“ ۾ جيڪي ٻہ روايتون مارئي متعلق آهن، تن مان گهڻيون روايتون ان ڳالهہ جون شاهدي ٿيون ڏين تہ مارئي ڪاروڙي جي نہ پر پالوا (ملير) جي هئي. اج بہ سنڌ جا ٿر جا پٽ يا پيان ان ڳالهہ جي گواهي ڏيندا آهن تہ مارئي جو تعلق پالوا سان هو.

سنڌ جا ڪيترائي اديب جهڙوڪ: پيرو مل مهر چند آڏواڻي، هوتچند مولچند گربخشاڻي، ڪلياڻ آڏواڻي، راءِ چند هريجن، منگهارام اوجها ۽ عثمان اديب پنهنجن لکڻين ۾ اهو ڄاڻايو آهي تہ مارئي ملير (پالوا) جي هئي. حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي بيتن جي مطالعي مان پڻ اها خبر ٿي پوي تہ مارئي عمر ڪوٽ جي نہ، پر ٿر جي ڪنهن ڏورانهين علائقي جي هئي.

- واجهائي وطن کي، ساري ڏيان ساهہ
  ٻت منهنجو بند ۾، قيد م ڪريجاهہ
  پرڏيهياڻي پرين ري ڏار م ڏريجاہ
  ٿڌي وسائجان ٿرن جي، مٽي مئي مٿاہ
  جي پوپون ٿئي پساہ، تہ نجاہ مڙهہ ملير ڏي.

- وجهائي وطن کي، ساري ساہ ڏيان
  هي سر ساڙيهہ سامهون، منهنجو نج ميان
  مقاميا ڻي مارئين، وڃي ٿر ٿيان!
  ميائي جيان، جي وڃي مڙہ ملير ڏي

- الا ائين م هوءِ، راتو ڏينهان روءِ
  پهرين وڃان لوءِ، پوءِ مر پڇنم ڏينهڙا.

- جيئن ڳنڍيون منجهہ ڳنڍير، تئن مون من ماروئڙن سين
  ڏنيون لس لطيف چئي، هنئڙي کي همير
  وڃي منجهہ ملير، سڀ چوڙيندس سومرا

- م ڪي روءُ، م ڪر رڙ ڪي، هنجون هڏ م هار
  تو تان بندا بدا ٿيو، ٻيڙيون نيئي پار
  پهچنديں پنهوار، سگهي سگهارن کي

- سـڏـي سـاٽـيـهـ ڳـالـهـڙي، لـهـي ويـا لـوهـ
انـدر جـا انـدوهـ، لـتـا ڏک، سـک ٿـيـا

- سـائـيـن لـڳ سـومـرا، هـڪـڙو عـرض مـڃـيـج
جي ماڙين منجهه مري وڃان، تہ ڪٿي ڪفن ڏيج
اتي لوڙهہ لتيج، جت جهوپا جهانگيئڙن جا. (10)

مٿي ڏنل حوالن مان خبر ٿي پوي تہ اڪثر مسلمان لکندڙ مارئي کي مسلمان ۽ هندو ليکڪ مارئي کي هندو ڪري لکيو آهي. آڳاٽي دور ۾ سنڌ جي هندن ۽ مسلمانن جي نالن توڙي رسم و رواج ۽ لباس ۾ معمولي فرق هوندو هو. ان ڪري اهو سمجهڻ مشڪل ٿيندو هو تہ ڪير مسلمان آهي ۽ ڪير هندو؟ ٿر جي علائقي ۾ وڃبو تہ اڄ بہ ٻاهران آيل ماڻهو هندو ۽ مسلمان جي سڃاڻپ مشڪل سان ڪري سگهندو. ڇاڪاڻ تہ ٻنهي قومن جي ٻولي، لباس ۽ ريتن رسمن ۾ معمولي فرق آهي. اهو ئي سبب آهي جو رسم و رواج ۽ لباس کي مد نظر رکندي مارئي کي هر قوم جي ماڻهن پنهنجي ذاتي برادري سان ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

رحيمداد خان مولائي شيدائي پنهنجي ڪتاب "جنت السنڌ" ۾ مارئي کي هڪ شادي شده عورت ڄاڻايو آهي، ليڪن اڪثر حوالن ۽ روايتن ۾ مارئي کي مڱيل يا غير شادي شده ڄاڻايو ويو آهي. ثقافت کاتي حڪومت سنڌ پاران ڇپيل ڪتاب "سُر مارئي" جيڪو حميد سنڌي مرتب ڪيو آهي، ان ۾ مارئي جي حسب نسب جي حوالي سان ڪافي بحث ٿيل آهي. ليڪن اڃا تائين مارئي جي حوالي سان ڪيترين ئي ڳالهيون تحقيق طلب آهن، ان ڪري ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ هن حوالي سان خاطر خواهہ تحقيق ٿيڻ کپي.

**حوالا:**


1) قانع، مير علي شير، مترجم: مخدوم امير احمد، "تحفة الڪرام"، صفحو 100، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ڇاپو ٽيون، 1996ع.

2) برٽن رچرڊ، مترجم: صديقي، محمد حنيف، "سنڌ ۽ سنڌو ماٿري ۾ وسندڙ قومون"، صفحو 98، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ڇاپو ٽيون، 1995ع.

3) آڏواڻي، پيرومل مهر چند، "شاهہ عبداللطيف ڀٽائي: هڪ مطالعو"، صفحو 86، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي، 1997ع.

4) هريجن، رائچند، "تاريخ ريگستان" (ڀاڱو پهريون) صفحو 88، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1988ع.

5) اوجها، منگهارام، "پراڻو پارڪر"، صفحو 84 ۽ 85، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، ڇاپو چوٿون، 1998ع.

6) بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، "عمر-مارئي" صفحو 6 ۽ 7، مقدمو سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 1976ع.

7) پياسي، پريتم، مقالو: ”مارئي جو حسب نسب“ مرتب: سنڌي، حميد، ”سُرمارئي“، صفحو 38، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، 1990ع.

8) هي روايت راقم کي 1997-07-16 ، سگهڙ حسين بخش خاصخيلي رٽائر جمعدار پوليس ڏانو ڏانڌل کان ملي.

9) هي روايت ڀالوا کان 1997-07-16 ، تي سگهڙ محمد علي خاصخيلي کان ۽ ان کي سوروتو مگڻهار کان ملي.

10) بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ”عمر-مارئي“ صفحو 9،8 ۽ 10، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 1976ع.